امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط بنام

# ماءُ جو پڇتاءُ

سنڌي

- سنڌ پڙهي اجتماع جي فضيلت
- ڪلمة طيبه ڪيستائين نفعو ڏيندو
- اسلام جا 8 حصا
- گناهه کان نه روڪڻ ڪڏهن گناهه آهي.


شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **ماءُ جو پيتاءُ**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي


**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل رسالو

# ماءُ جو پيٽ

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ماءُ جو پچتاءُ [1]

**دعاءِ خليفهءِ عطار:** يارب المصطفيٰ! جيڪو بہ هي مڪمل رسالو "**ماءُ جو پچتاءُ**" پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جا والدين ان کان راضي ٿين ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو شخص صبح ۽ شام مون تي ڏھ ڏھ ڀيرا درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ان کي پهچندي" (الترغيب والترهيب، 261/1،حديث:29)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حقيقي مدني مني جو خوف خدا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙو نازڪ دور اچي ويو آهي جو اڄ اڪثر والدين "**شفقت نما هلاڪت**" جي ذريعي پنهنجي هٿن سان پنهنجي اولاد کي تباهي جي کڏ ۾ ڪيرائي رهيا آهن ايسيتائين جو جيڪو ٻار پاڻ سڌرڻ چاهي ٿو ان جي راهه ۾ بہ رڪاوٽون وِڌيون ويندڙيون آهن، اهڙي قسم جا والدين جڏهن تہ

---

[1] هي رسالو امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت " مان کنيو ويو آهي

زبان حال سان هي اعلان ڪندي نظر اچي رهيا آهن: **”اسان جهنم ۾ اڪيلا ڇو وڃون پنهنجي اولاد کي به ساڻ وٺي ويندا سين** (مَعَاذَالله).“ هڪ دور اهو هو جو خوفِ خدا رکڻ واري ماءُ جي رحمت ڀري جهولي ۾ **پليل** ۽ عشق مصطفيٰ رکڻ واري پيءُ جي شفقت جي سايي هيٺ پلجڻ وارا ٻار معاشري تي اهڙا نقش ڇڏيندا هئا جو انهن جون دلربا ادائون اڄ به اسان جون دليون موهي ڇڏين ٿيون، جيئن ته هڪ چار سالن جو شهزادو حقيقي سيِّد زادو بازار ۾ زارو قطار روئي رهيو هو، ڪنهن شخص آلِ رسول جي خدمت جي جذبي کان سرشار ٿي ڪري عرض ڪيو: شهزادا! ڇا ڳالهه آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت آهي ته حڪم فرمايو هاڻي ئي حاضر ڪيان ٿو، هي ٻڌي ڪري شهزادي جي روئڻ جو آواز ويتر وڌي ويو ۽ چيائين: چاچا سائين! الله پاڪ جي غضب ۽ جهنم جي عذاب جي خوف سان دل ٻڏي رهي آهي! ان صاحب شفقت سان عرض ڪيو: شهزادا! اوهان ته تمام ننڍا آهيو هينئر کان ايترو خوف ڇاجو؟ اطمينان رکو ٻارن کي عذاب نه ڏنو ويندو، هي ٻڌي ڪري شهزادي جو خوف وڌيڪ نمايان ٿي ويو ۽ روئندي چيائين: چاچا سائين! مون ڏٺو آهي ته وڏين ڪاٺين کي ساڙڻ جي لاءِ ان جي چوڌاري ننڍا چوڏا، ڦٽيون وغيره لڳايون وينديون آهن، باهه ڇوڏن کي جلد لڳندي آهي ۽ انهن جي ڪري پوءِ وڏيون ڪاٺيون به سڙڻ لڳنديون آهن! مان ڊڄان ٿو ته

ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن ڪافرن کي جهنم ۾ ساڙڻ جي لاءِ چوڏن جي جڳهه تي ڪتي مون کي نه ساڙيو وڃي!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا توهان ڄاڻو ٿا ھي چار سالن جو شھزادو ڪير ھئا؟ اھي ڪي ٻيا نه! اسان جي ٽٽل دلين جا سهارا ۽ **اھلِ بيت** جي اکين جا تارا حضرت **امام جعفر صادق** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ھئا.

(بتغير انيس الواعظين ص 75)

تیری نسلِ پاک میں ہے بچّہ بچّہ نور کا
تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا

(حدائقِ بخشش شريف)

شرح ڪلام رضا : منھنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ھن شعر ۾ فرمائن ٿا: يا **نور الله** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوھان ته نور آھيو، بلڪ نور علي نور آھيو، اوھان جي مبارڪ نسل ۾ قيامت تائين جيترا به ٻار ٿيندا يعني سادات ڪرام اھي به سيئي نور آھن، اي نور وارا پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوھان جو سڄي جو سڄو گهراڻو نور نور ۽ بس نور آھي.

نور اندر نور باہر گھر کا گھر سب نور ہے
آگیا وہ نور والا جس کا سارا نور ہے

## ديني معاملي ۾ حوصلو شڪني ڪرڻ واري ماءُ جو پڇتاءُ

والدين کي گھرجي ته پنھنجي اولاد کي شروع کان ئي نيڪين ۽ سنتن ڀريو ديني ماحول فراھم ڪن، نه ته بري صحبت جي ڪري بگڙي وڃڻ جي صورت ۾ بازي ھٿ مان نڪري سگھي ٿي، سگِ مدينه عُفِيَ عنه کي ان جي وڏي ڀيڻ ٻڌايو: ھڪ اسلامي

پيڻ پنهنجي پٽ جي اصلاح جي لاءِ روئي روئي ڪري دعا جو چيو، ويچاري چئي رهي هئي. هاءِ! افسوس! مون پاڻ ئي ان کي برباد ڪيو آهي، ان کي دعوت اسلامي جي مدرسة المدينہ ۾ حفظ جي لاءِ ويهاريو پر اهو ويچارو جيڪي سنتون وغيره سکي ايندو هو اهو گهر اچي ڪري بيان ڪندو هو تہ اسان ان جو مذاق اڏائيندا هئاسين آخرڪار ان جي دل ٽٽي وئي ۽ ان مدرَسة المدينہ وڃڻ ڇڏي ڏنو هاڻي اهو برن دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري آواره ٿي ويو آهي، خوش قسمتي سان مون کي دعوت اسلامي جو ديني ماحول ملي ويو آهي هاڻي مان سخت پڇتائي رهي آهيان افسوس! منهنجو ڇا ٿيندو!

صُحبَتِ صَالِحْ تُرَا صَالِحْ کُنَدْ          صُحبَتِ طَالِحْ تُرَا طَالِحْ کُنَدْ

(يعني چڱي جي صحبت تو کي چڱو بڻائيندي) (بري جي صحبت تو کي برو بڻائيندي)

## سُنَّتن ڀري اجتماع جي فضيلت

پنهنجي اولاد کي بہ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي رغبت ڏياريو ۽ پاڻ بہ حاضري جي سعادت حاصل ڪيو، ان طرح جي اجتماعن جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! جيئن تہ نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظيم آهي: قيامت جي ڏينهن ڪجهہ اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي نہ نبي هوندا ۽ نہ ئي شهيد (پر) انهن جي چهرن جو نور ڏسڻ وارن جي

نگاهن کي روشن ڪندو هوندو، انبياءَ ۽ شُهداء انهن جو مقام ۽ قُرب الٰهي ڏسي ڪري خوشي جو اظهار ڪندا، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مان ڪنهن صحابي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ڪير (خوش نصيب) هوندا؟ ارشاد فرمايائون: هي مختلف قبيلن ۽ علائقن جا ماڻهو هوندا جيڪي (دنيا ۾) الله پاڪ کي ياد ڪرڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا ۽ پاڪ ڳالهيون ائين چونڊيندا ها جيئن ڪجور ڪائڻ وارو ڪجور چونڊيندو آهي.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 252 حديث 2334)

يقينا مقدّر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی | دِلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص۶۰۲)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غافل نوجوان

پيارا اسلامي ڀائرو! خوف خدا سان دل کي لرزائڻ، عشق مصطفيٰ ۾ روح کي تڙپائڻ، گناهن جي عادت مٽائڻ، نيڪين جو جذبو وڌائڻ ۽ پاڻ کي سنتن جو پيڪر بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهو، هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو ۽ نيڪ اعمال تي عمل ڪندي زندگي جا ڏينهن رات گذاريو. اچو! اوهان جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، جيئن سرگوڌا (پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان دعوت اسلامي جي پاڪيزه

۽ مهڪي مهڪي ديني ماحول جي فيض حاصل ڪرڻ کان اڳ ۾ جواني جي نشي ۾ مست آواره دوستن جي صحبت ۾ پنهنجي زندگي جون قيمتي گهڙيون برباد ڪري رهيو هئس، معاشري ۾ ٿيندڙ ڪهڙو گناهه هو جنهن ۾ مان مبتلا نہ هئس، ڇوڪرين جو پيڇو ڪرڻ، انهن کي تنگ ڪرڻ، رات ڪلب ۾، ۽ ڏينهن تاش بِليَرڊ (اسنوڪر جيان هڪ راند) کيڏڻ ۾ برباد ڪرڻ، گهروارن جي سمجهائڻ تي بحث ڪرڻ منهنجي عادت بڻجي چڪي هئي، زندگي ائين گناهن پري غفلت ۾ گذري رهي هئي جو خوش قسمتي سان هڪ عاشق رسول جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان دعوت اسلامي جو مهڪندڙ مشڪبار ديني ماحول ملي ويو، عاشقان رسول جي صحبت سبب مون کي نيڪين تي عمل ڪرڻ ۽ گناهن کان پري رهڻ جو جذبو ملي ويو. اَلحَمدُلله مون چهري تي ڏاڙهي مبارڪ سجائي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ديني ڪمن جو شوق مليو ۽ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جا مدني رسائل گهٽي گهٽي ۽ گهر گهر وجي ورهائڻ جو ذهن بڻيو.

مرا ہر عمل بس تیرے واسطے ہو          کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هن مدني بهار جي ضمن ۾ نيڪي جي دعوت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ”انفرادي ڪوشش“ جون بہ خوب بهارون آهن! گناهن ۾ بدمست رهڻ وارو غافل نوجوان عشق رسول ۾ مست ٿي ويو، اسان کي بہ هر هڪ تي انفرادي

ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اسان جي ڪو ڳالهه مڃي يا نه مڃي اسان جي سمجهائڻ جو ثواب ضايع نه ٿيندو! اسان جي انفرادي ڪوشش جي ڪري جيڪڏهن ڪو سڌي راهه تي اچي ويو ته اِنْ شَآءَ الله اسان جو بيڙو پار ٿي ويندو، بري صحبت کان هميشه پري رهڻ گهرجي ڇوته انهيءَ جي ڪري ماڻهو بگڙي وڃي ٿو ۽ طرح طرح جي گناهن ۾ پئجي ويندو آهي جڏهن ته سٺي صحبت نهايت سٺو ڦل ڏيندي آهي جيئن دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 56 صفحن تي مشتمل ڪتاب "اچھے ماحول کی برکتیں" صفحي 18 کان 19 تي آهي: هڪ حديث شريف ۾ آهي، حضرت ابو رَزِين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته ان کي رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا مان توهان کي هن شيءِ جي اصل جي رهنمائي نه ڪيان جنهن سان توهان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪري وٺو (اها اصل شيءِ هي آهي ته) توهان ذڪر ڪرڻ وارن جي مجلس اختيار ڪيو. (شعب الايمان ج 6 ص 492 حديث 9024)

هن حديث پاڪ جي حوالي سان مشهور مفسر حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته (ذِڪر ڪرڻ وارن جي) مجلس مان مراد علماءِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين، صالحين ۽ واصِلين (يعني الله جي مُقَرّب ٻانهن) جون مجلسون آهن، ڇوته هي مجلسون جنت جا باغ آهن جيئن ٻي حديث شريف ۾ آهي. هي مجلسون خواه مدرسا هجن يا درسِ قرآن، ۽ حديث جون مجلسون، يا صوفياءِ ڪرام جون محفلون، هي فرمان تمام

جامع آهن، جنهن مجلس ۾ الله پاڪ جو خوف، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عشق ۽ اطاعت رسول جو شوق پيدا ٿئي اها مجلس اڪسير (يعني نهايت مفيد) آهي. (مراة المناجيح ج 6 ص 603 تا 604)

سَنور جائے گی آخِرت اِن شاءَالله — تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول
بَہُت سخت پچھتاؤ گے یاد رکھو — نہ عطّارؔ تم چھوڑنا مدنی ماحول
(وسائل بخشش ص 604)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلمو طيب نفع ڏيندو جيستائين

حضرت اَنَس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد حق بنياد آهي: ”(لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله) هميشه پنهنجي پڙهڻ واري کي نفعو پهچائيندو رهندو ۽ انهن کان عذاب کي پري ڪندو رهندو جيستائين ان جو حق هلڪو نه ڄاڻن، صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلمي پاڪ کي هلڪو ڄاڻڻ ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: يَظْهَرُ الْعَمَلُ بِمَعَاصِي اللهِ فَلَا يُنْكَرُ وَلَا يُغَيَّرُ. يعني (لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي حق کي هلڪو سمجهڻ هي آهي ته) الله تعاليٰ جي نافرماني وارو ڪم ڏسي ڪري ان کي نه روڪيو وڃي ۽ نه ئي ان کي تبديل ڪيو وڃي. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 184 حديث 3538)

## اسلام جا 8 حصا

حضرت حُذَيفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته اسلام جا 8 حصا آهن: ﴿1﴾ اسلام ﴿2﴾ نماز ﴿3﴾ زڪوات ﴿4﴾ رمضان جو روزو ﴿5﴾ حج بيت الله ﴿6﴾ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ﴿7﴾ برائي کان روڪڻ

۽ ﴿8﴾ الله تعالیٰ جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ. ۽ اهو شخص ڪامياب ناهي جنهن جو ڪو حصو نہ هجي. (شعب الايمان ج 6 ص 94 حديث 7585)

## دنيا ۾ بہ سزا ملندي

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪا قوم قدرت جي باوجود گناهہ ڪرڻ واري کي ان کان ناهي روڪيندي، انديشو آهي تہ اها نہ روڪڻ واري قوم مرڻ کان پهريان دنيا ئي ۾ عذاب ۾ گرفتار ٿي وڃي، حضرت جَرِير رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ ڪو شخص گناهہ جو مُرتڪب ٿئي ۽ قوم جا ماڻهو قدرت جي باوجود ان کي گناهہ کان نہ روڪين تہ الله پاڪ سندن مرڻ کان پهريان انهن تي پنهنجوعذاب نازل فرمائيندو.

(سنن ابي داؤد ج 4 ص 164 حديث 4339)

## آخرت ۾ بہ سزا ملندي دنيا ۾ بہ سزا ملندي

هن حديث پاڪ جي حوالي سان "مِرآۃُ المَناجِيح" ۾ آهي: جنهن قوم يا جماعت ۾ ڪجهہ ماڻهو برائي جا مرتڪب ٿين ۽ اها قوم ان کي روڪڻ جي طاقت رکڻ جي باوجود نہ روڪي تہ اهي بہ عذابِ خداوندي جا مستحق ٿيندا ۽ هن عذاب کي اهي ماڻهو مرڻ کان پهرين دنيا ۾ ئي ڏسي وٺندا، حضرت شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي (رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه) فرمائن ٿا تہ برائي کي بدلڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ٻين ڏوهن جي مقابلي ۾ هن لحاظ کان جدا آهي تہ ٻين گناهن جي سزا آخرت ۾ ملندي جڏهن تہ هن ڪوتاهي

جي سزا دنيا ۾ بہ ملندي ۽ آخرت جو عذاب ان کان علاوه ٿيندو. (مراة المناجيح ج 6 ص 507)

## اوهان جي دل ناهي لرزندي!

جنت جي اَبدي ۽ سرمدي نعمتن جا طلبگار اسلامي ڀائرو! اوهان جي دل ناهي ڏڪندي؟ اوهان تي خوف طاري ناهي ٿيندو؟ جو الله پاڪ تہ بي نياز آهي، ان کي پرواهہ ئي ناهي تہ ماڻهو ان کي سجدو لازمي ئي ڪن، يقيناً جيڪڏهن سڀ مخلوق ان جي بارگاهہ ۾ جهڪي وڃي، تڏهن بہ ان جي ذات تي ڪنهن جو ڪو احسان ناهي، اسان کي ان جي بي نيازي ۽ خُفيہ تدبير کان ڊڄڻ گهرجي ۽ ان جي گرفت کان پناهہ طلب ڪرڻ گهرجي، آخر دنيا ۾ ڪيستائين عياشون ڪنداسين! ياد رکو! هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان سيني کي مرڻو پوندو، اونداهي قبر ۾ لهڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪرڻي ڀرڻي پوندي!

اَلْمَوْتُ بَابٌ کُلُّ نَفْسٍ دَاخِلُهَا اَلْمَوْتُ قَدَحٌ کُلُّ نَفْسٍ شَارِبُهَا

(يعني موت هڪ اهڙو دراوزو آهي جنهن مان هر جاندار کي گذرڻو آهي ۽ موت هڪ اهڙو جام آهي جنهن کي هر شخص کي پيئڻو پوندو)

جی لگانے کی جا نہیں دنیا کس کو حاصِل دَوام ہوتا ہے

## مردي جي بي وسي

پيارا اسلامي ڀائرو! ان وقت ڪيتري لاچاري هوندي جڏهن روح جسم کان جدا ٿي چڪو هوندو، اهو ڪيتري قدر بي

وسيءَ جو عالم هوندو جنهن وقت عزيز قيمتي ڪپڙا لاهي رهيا هوندا، غسل ڏيڻ وارو وهنجاري رهيو هوندو، ڪاٺن جو ڪفن پهرايو ويندو، ڪيڏي نہ حسرت جي گهڙي هوندي جڏهن جنازو ڪنيو ويندو هاءِ! افسوس! اها دنيا جنهن کي سنوارڻ جي لاءِ سڄي عمر پيچ ڏڪ ڪئي هئي، جنهن جي خاطر راتين جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون هيون، طرح طرح جا خطرا پنهنجي سر تي کنيا هئا، حسد ڪندڙن جون رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جي باوجود بہ جان جوکي ۾ وجهي دنيا جو مال ڪمائيندو رهيس، خوب دولت گڏ ڪندو رهيس، گهر کي نهايت ئي اهتمام سان مضبوط تعمير ڪيو هو، ان کي طرح طرح جي فرنيچر سان سينگاريو هو، اهو سڀ ڇڏي رخصت ٿيڻو پوندو، افسوس! قيمتي لباس هينگر(يعني ڪِليءَ) ۾ ٽنگيل رهجي ويندو، ڪار هوندي تہ گيريج ۾ بيٺل رهجي ويندي، راند روند جو شيون، نفس پرستي ۽ فرحت جا ذريعا ۽ هر طرح جو سامان بيڪار جو بيڪار رهجي ويندو، ان وقت مُردي جي بي وسي انتها کي پهچندي جڏهن ان کي روشنين جي چمڪندڙ عارضي خوشين سان مسڪرائيندڙ فاني دنيا جي گهر کان ڪدي انڌيري قبر ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ ان جا ناز برداشت ڪندڙ ان کي ڪلهن تي کڻي قبرستان جي طرف هلڻ لڳندا.

عالم انقلاب ہے دُنیا  چند لمحوں کا خواب ہے دُنیا
فخر کیوں دل لگائیں اِس سے  نہیں اچھی، خراب ہے دُنیا

# قبر جي دل ڏڪائيندڙ ڪهاڻي

حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه هڪ جنازي سان گڏ قبرستان تشريف ڪٺي ويا، اتي هڪ قبر تي ويهي غور ۽ فڪر ۾ پئجي ويا، ڪنهن عرض ڪيو: ياامير المؤمنين اوهان رضي الله عنه هتي اڪيلا ڪيئن تشريف فرما آهيو؟ فرمايائون: هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏيو ۽ چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز (رضي الله عنه) مون کان ڇو نہ ٿو پڇين تہ مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪريان ٿي؟ مان انهيءَ قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي تہ مان ان جو ڪفن ڦاڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان، ڇا توهان مون کان هي نہ پڇندؤ تہ مان ان جي سَنڌن سان ڇا ڪندي آهيان؟ مون چيو، ضرور ٻڌاءِ. تہ چوڻ لڳي: هٿن کي ڪراين کان، گوڏن کي پِنين کان ۽ پِنين کي پيرن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه سڏڪا ڀري روئڻ لڳا، جڏهن ڪجهہ افاقو ٿيو تہ ڪجهہ هن طرح عبرت جا مدني گل ٻڌائڻ لڳا: اي اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ اسان کي تمام ٿورو عرصو رهڻو آهي، جيڪو هن دنيا ۾ صاحبِ اقتدار آهي اهو (آخرت ۾) انتهائي ذليل ۽ خوار آهي. جيڪو هن دنيا ۾ مالدار آهي اهو (آخرت ۾) فقير هوندو. هن جو جوان پوڙهو ٿي ويندو ۽ جيڪو زندهہ آهي اهو مري ويندو، دنيا جو توهان جي طرف اچڻ توهان

ڪي ڏوڪي ۾ نہ وجهي، ڇوتہ توهان ڄاڻو ٿا تہ هي تمام جلد رخصت ٿي ويندي. ڪيڏانهن ويا قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا بيت الله جو حج ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا رمضان جا روزا رکڻ وارا؟ مِٽيءَ انهن جي جسمن جو ڇا حال ڪري ڇڏيو؟ قبر جي ڪيڙن انهن جي گوشت جو ڇا انجام ڪري ڇڏيو؟ انهن جي هڏين ۽ سَنڌن سان ڇا ٿيو؟ الله پاڪ جو قسم! جيڪي بي عمل دنيا ۾ آرامده نرم نرم بسترن تي هوندا هئا پر هاڻي اهي پنهنجي گهروارن ۽ وطن کي ڇڏي ڪري راحت کان پوءِ تنگيءَ ۾ آهن، انهن جي اولاد گهٽين ۾ دربدر آهي، ڇوتہ انهن جي بيواهن ٻيا نڪاح ڪري ٻيهر گهر آباد ڪيا، انهن جي رشتيدارن انهن جي گهرن تي قبضو ڪري ڇڏيو، ۽ ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڇڏي. وَالله! انهن مان ڪجهہ خوشنصيب آهن جيڪي قبرن ۾ مزا ماڻي رهيا آهن ۽ والله! ڪجهہ قبر جي اندر عذاب ۾ گرفتار آهن.

افسوس صد هزار افسوس! اي نادان!اڄ مرڻ وقت ڪڏهن پنهنجي پيءُ جون، ڪڏهن پنهنجي پٽ جون تہ ڪڏهن سڳي ڀاءُ جون اکيون بند ڪري رهيو آهين، انهن مان ڪنهن کي وهنجاري رهيو آهين، ڪنهن کي ڪفن پارائي رهيو آهين، ڪنهن جي جنازي کي ڪلهن تي کڻي رهيو آهين، ڪنهن کي قبر جي تنگ ۽ اونداهي کڏ ۾ پوري رهيو آهين (ياد رک! سڀاڻي هي سڀ ڪجهہ توسان بہ ٿيڻ وارو آهي) ڪاش مون کي علم هجي

ها! کھڙو ڳل (قبر ۾) پھريان خراب ٿيندو. پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ عنہ روئڻ لڳا ۽ روئيندي روئيندي بيھوش ٿي ويا ۽ ھڪ ھفتي کان پوءِ ھن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.

(الروض الفائق ص 107)

حضرتِ امام ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ "اِحياءُالعُلُوم" ۾ فرمائن ٿا: وفات جي وقت حضرت عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ عنہ جي زبان تي ھيءَ آيت سڳوري جاري ھئي:

| | |
|---|---|
| تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِیْنَ لَا یُرِیْدُوْنَ عُلُوًّا فِی الْاَرْضِ وَ لَا فَسَادًا ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِیْنَ ﴿۸۳﴾ (پ۲ 20 القصص:۸۳ 83) | ترجموکنزالايمان: ھي آخرت جو گھر اسان انھن جي واسطي ڪندا آھيون جيڪي زمين ۾ وڏائي نہ چاھيندا آھن ۽ نہ فساد ۽ چڱي پڇاڙي پرھيزگارن جي ئي آھي. (احياءالعلوم ج 5 ص 230) |

یاد رکھ ہر آن آخِر موت ہے
بن تُو مت اَنجان آخِر موت ہے

مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی
عاقِل و نادان آخِر موت ہے

کیا خوشی ہو دل کو چندے زِیست سے
غَمزدہ ہے جان آخِر موت ہے

مُلکِ فانی میں فنا ہر شَے کو ہے
سن لگا کر کان آخِر موت ہے

بارہا عِلمی تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخِر موت ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عزت وارا ذليل ڪيا ويندا آهن

حضرت جرير بن عبدالله رضي الله عنه فرمائن ٿا: ڪنهن قوم جا مُعَزَّز يعني عزت وارا ماڻهو اهڙي برائي کان نہ روڪين جنهن کي روڪڻ تي هُو قدرت رکندا هجن تہ الله تعالى انهن کي ذليل ڪري ڇڏيندو آهي. (تنبيه المغترين ص 236)

## ڪٽيل ڪنن وارو ٻوڙو

حضرت اَنَس بن مالڪ رضي الله عنه فرمائن ٿا: جيڪو ٻڌي تہ فلاڻو شخص خراب ڪم (يعني گناهہ) جو مرتڪب ٿيو آهي ۽ پوءِ (قدرت باوجود) اهو ان گناهہ ڪرڻ واري کي نہ روڪي تہ قيامت جي ڏينهن اهو ڪٽيل ڪنن وارو ٻوڙو هوندو. (تنبيه المغترين ،ص236)

## گناهہ کان نہ روڪڻ ڪڏهن گناهہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ٻنهي روايتن تي بار بار غور ڪيو! گناهہ ڪرڻ وارن کي قدرت جي باوجود گناهہ کان منع نہ ڪرڻ وارن جي لاءِ ذلت ۽ قيامت ۾ (ڪٽيل ڪنن واري ٻوڙي) جي صورت ۾ اٿاريو وڃڻ جي وعيد آهي، هي مسئلو ذهن نشين فرمايو تہ جڏهن ڪو گناهہ ڪري رهيو هجي ۽ ڏسڻ واري کي يقين هجي تہ منع ڪندس تہ مڙي ويندو تہ هاڻي منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو، جيڪڏهن منع نہ ڪندو تہ گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي. ماڻهو کي روزانو اهڙا موقعا پيش ايندا آهن جو ڪي ماڻهو لاعلمي جي ڪري يا غفلت سبب ”گناهِ بي

لذت“ ڪري رهيا هوندا آهن هاڻي غور ڪيو وجي تہ ڪيترائي پيرا هي ذهن بڻجندو آهي تہ فلاڻي کي سمجهائيندس تہ مڃي ويندو، پر سُستي يا شرم ۽ مُرَوَّت جي ڪري منع ڪرڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ ائين گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار ٿي ويندو آهي، منهنجو پنهنجو تجربو آهي تہ ناجائز مندي پائڻ واري، ڳچي ۾ ڌات (Metal) جي زنجير (CHAIN) لٽڪائڻ وارن وغيره کي جڏهن سمجهائيندو آهيان تہ اڪثر هٿوهٿ لاهي ڇڏيندا آهن، ڪيترن کي تہ جوش ۾ اچي سون جي زنجير ٽائين تو ڙيندي ڏٺو آهي! نيڪ آهي هر هڪ ائين نٿو ڪري سگهي ۽ هر هڪ جو ٻين تي ايترو اثر بہ ناهي ٿيندو پر جيڪا بااثر شخصيت هجي ان جي لاءِ هن طرح جي گناهن کان منع ڪرڻ مشڪل ناهي هوندو، ۽ گناهہ ڪرڻ واري جي مڃڻ جي يقين جي صورت ۾ تہ منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي.

## سون جي مندي مرد کي پائڻ حرام آهي

اعليٰ حضرت جا شهزاده، تاجدار اهلسنّت، حضور مفتي اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان طرح جي معاملن ۾ وڏيڪ مُتَحَرِّڪ ACTIVE هئا جيئن ”مفتی اعظم کی استقامت و کرامت“ صفحي 146 تي رئيسُ القلم حضرت علامہ ارشد القادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حوالي کان نقل آهي: انهن (يعني مفتي اعظم هِند) جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ تڪليف وارو منظر هي هوندو هو تہ جڏهن پاڻ ڪنهن مسلمان کي اسلامي شريعت جي خلاف ورزي ڪندي ڏسندا هئا،

اَمرٌبِا لمَعْرُوف وَ نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فرض ادا ڪندي وقت اهي ننڍي وڏي، امير ۽ غريب، حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ ڪو فرق نہ ڪندا هئا، ان جي دربار جو عام معمول هو تہ ڪو وڏي کان وڏو رئيس هجي يا وڏي کان وڏو آفيسر سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ وقت جيڪڏهن ان جي آڱر ۾ سون جي منڊي هوندي هئي تہ هڪدم لاهرائي ڇڏيندا هئا ۽ نهايت شفقت ۽ محبت سان ان کي تلقين فرمائيندا هئا تہ شريعت محمدي ۾ مَردن جي لاءِ (ڪيترين ئي صورتن ۾) سون جو استعمال حرام آهي، پوءِ دل جي بادشاهت فتح ڪرڻ واري لهجي ۾ ارشاد فرمائيندا هئا: ڪو گناهہ گهڙي کن يا ڪلاڪ ٻہ ڪلاڪ جو هوندو آهي پر سون جي منڊي جو گناهہ اهڙو آهي جو جيستائين پائي رکو مسلسل گناهہ ئي گناهہ آهي. (منڊي جي باري ۾ تفصيلي احڪام انهي باب جي صفحي نمبر 375 کان 377 تي ملاحظہ فرمايو)

مفتئ اعظم سے ہم کو پیار ہے
ان شاءَ اللّٰه اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پولڙي ۽ سوئر جي شڪل وارا

بي نمازين، گاريون ڏيڻ وارن، غيبتن ۽ چغلين جي عادين، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن ۽ طرح طرح جي گناهن جي گندگين ۾

قاتل رهڻ وارن جي صحبتن ۾ رهڻ وارن ۽ قدرت باوجود انهن کي گناهن کان نہ روڪڻ وارن کي ڏڄڻ گهرجي جو الله پاڪ جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: ان پاڪ ذات جو قسم! جنهن جي قبضہِ قدرت ۾ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! منهنجي اُمَّت جا ڪجھ ماڻھو پنهنجي قبرن مان پولڙي ۽ سوئر جي شڪل ۾ اٿندا، هي اهي ماڻهو هوندا جنهن گنهگارن سان تعلق رکيا ۽ قدرت رکڻ جي باوجود انهن کي گناهن کان منع نہ ڪيو. (تفسير درمنثور ج 3 ص 127)

## پولڙي ۽ سوئر جھڙا چهرا

اهڙي طرح چهرو مسخ ٿيڻ يعني بگڙي وڃڻ جي باري ۾ هڪ ٻي روايت پڙهو ۽ آخرت جو فڪر ڪيو جيئن حضرت ابو اُمامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هن اُمَّت مان ڪجھ ماڻھو قيامت ۾ پولڙي ۽ سوئر جي شڪل ۾ اٿندا چوتہ اهي نافرمانن سان ميل جول رکن ٿا انهن کي (گناهن کان) روڪن نٿا، حالانڪ اهي انهن کي روڪڻ جي قدرت رکن ٿا، هن روايت کي نقل ڪرڻ کان پوءِ حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان چوان ٿو جڏهن نافرمانن سان ميل جول رکڻ وارن جو هي حال آهي تہ جيڪي پاڻ غافل نہ آهن ۽ گناهن ۾ بہ ملوث نہ آهن، تہ پوءِ انهن ماڻهن جو حال ڇا هوندو جنهن جا عضوا گناهن کان باز ناهن ايندا! اسان الله پاڪ کان ان جي مهرباني طلب ڪيون ٿا.

(تنبيه المغترين ص 237)

## اڄ چهري جا موهيڙا داغ ته پريشان ڪن پر....

پيارا اسلامي ڀائرو! ان ڀنهي روايتن کي پڙهي ڪري ڇا اوهان کي ڪا تشويش نه ٿي؟ سوچيو ته سهي! اڄ جيڪڏهن ڪنهن جي چهري تي موهيڙا وغيره نڪري اچن يا ڪو داغ وغيره ٿي وڃي ته ڊاڪٽرن وٽ خوب ڌڪا ڪائيندو آهي يعني ماڻهو پنهنجي چهري جي رنگ روپ ۾ معمولي ۽ اها به عارضي خامي به برداشت نٿو ڪري سگهي ته غور ڪيو ته گناهه ڪرڻ واري کي ڏسي ڪري هي ظنِ غالب هجڻ باوجود ته ان کي سمجهائيندس ته مڃي وٺندو پوءِ به ان کي ان گناهه کان نه روڪڻ سبب جيڪڏهن سڀاڻي قيامت ۾ مَعَاذَاللّٰه شڪل بگڙجي ڪري پولڙي يا سوئر جيان ٿي وئي ته ڇا ٿيندو! هي ته گناهه کان نه روڪڻ وارن جي صحبت ۾ رهڻ وارن جو حال آهي ۽ جيڪو بذات پاڻ گناهه ڪري ان جو پنهنجو انجام خبر ناهي ڪهڙو ٿيندو!

## منهنجون تاريڪ راهون روشن ٿي ويون

پيارا اسلامي ڀائرو! جنّتُ الفِردوس حاصل ڪرڻ ۽ ٻين کي به ان راهه تي لڳائڻ، عذابِ جهنم کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ٻين کي به ان جو خوف ڏيارڻ جي لاءِ نيڪي جي دعوت جي ديني ڪم ۾ هر دم لڳل رهو. روزانو فڪرِ مدينه جي ذريعي پاڻ به نيڪ اعمال جو رسالو ڀريو ۽ ٻين کي به ان جي رغبت ڏياريو پاڻ به هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر ڪريو ۽

ٻين کي ٻہ ان جي دعوت ڏيو. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون بيان ڪيان ٿو: حافظ آباد (پنجاب پاڪستان) جي مقيم هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ مان گناهن جي اونهي کڏ ۾ ڪرندو پئي ويس، فلمون ڊراما ڏسڻ، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ۽ فحش ناول پڙهڻ منهنجي زندگي جي معمولات ۾ شامل هو، منهنجي مٿي تي آوارگي جو اهڙو ڀوت سوار هو جو سڄي رات گهر کان ٻاهر ٻُرن دوستن جي صحبت ۾ زندگي جون قيمتي گهڙيون برباد ڪندو رهيس، مون پنهنجين انهن حرڪتن جي ڪري گهروارن کي بہ تنگ ڪري رکيو هو، دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان مُنسَلِڪ منهنجو وڏو ڀاءَ هر طرح منهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪندو رهيو پر ان جي نصيحت ڀرين ڳالهين تي عمل ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ مان ان جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هئس، وڏو ڀاءُ مون تي مسلسل ڪوشش ڪندو رهيو، آخرڪار انهن جي ڪوشش رنگ لاٿو، هڪ ڏينهن نہ چاهيندي منهنجي تَوجُّه ان جي منن ٻولن ڏانهن ٿيڻ لڳي، خوفِ خدا سان ڀريل ان جون ڳالهيون ٻڌي ڪري مان جذبات سبب روئڻ لڳس، اَلحَمدُلله منهنجي اکين تان غفلت جا پردا هٽي ويا ۽ خوف خدا منهنجي دل ۾ ويهي ويو، مون هٿو هٿ پنهنجي ڀاءُ جي سامهون سڀني گناهن کان توبہ ڪئي ۽ اسلامي زندگي گذارڻ جو عهد ڪيو، الله پاڪ جي

رحمت سان پنهنجي ڀاءُ سان گڏ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿيڻ لڳي ۽ ان جي برڪت سان منهنجي زندگي جون تاريڪ راهون روشن کان روشن ٿيڻ لڳيون، وڏي ڀاءُ سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جو ذهن ٻڌايو ته ان جي خواهش کي پورو ڪندي هي سٽون لکي ڏيڻ وقت مان اَلحَمدُلله يڪمشت ٻويهه مهينن جي مدني قافلي جو مسافر آهيان، هي سڀ هڪ مبلغ دعوت اسلامي يعني منهنجي پياري ڀاءُ جي مستقل مزاجي سان ڪئي ويندڙ انفرادي ڪوشش جو نتيجو آهي جو مون جهڙو دين کان عملي طور پري رهڻ وارو گنهگار شخص هاڻي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف عمل آهي.

تمھیں لطف آجائے گا زندگی کا — قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
نبی کی مَحبّت میں رونے کا انداز — چلے آؤ سِکھلائے گا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص ۶۰۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان آخرڪار وڏي ڀاءَ جي مسلسل انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ ننڍو ڀاءَ گناهن جي ڪڏ مان نڪري ڪري 26 مهينن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو، هر اسلامي ڀاءَ کي گهرجي ته اهو گهر ۾ ۽ ٻاهر هر جڳهه ٻين کي نيڪ بڻائڻ جي خوب خوب انفرادي ڪوشش ڪندو ۽ ثواب

ڪمائيندو رهي، ان مدني ڪم مان هرگز بيزار نہ ٿئي، انفرادي ڪوشش ڇڻ سون جي ڪاڻ آهي جيترو ڪوٺيندا سين اوترو سون نڪرندو رهندو يعني جيتري انفرادي ڪوشش وڌيڪ هوندي اوترو ئي ثواب وڌيڪ ملندو تہ بس ثواب جو سون جمع ڪندا رهو، فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪڏهن الله توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي تہ هي توهان جي لاءِ ان کان سٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صحيح مسلم ص 1311 حديث 2406) جيڪڏهن اوهان جي ذريعي ڪو هدايت وارو ٿي ويو ۽ ديني ماحول ۾ اچي ويو تہ ان جو ثواب وڌيڪ يعني هن ڪان علاوه آهي، ڪو مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو ان جو ثواب الڳ ۽ جيڪڏهن ڪو نيڪ اعمال جو عامل بڻجي ويو تہ پوءِ اوهان جا ٻاڳ ڪلي ويندا! بس جيترن جي اصلاح جو سبب اوهان بڻجندا اوترو اوهان جي لاءِ ثواب ۾ اضافو ٿيندو ويندو بس نيڪي جي دعوت ڏيندا رهو، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ يعني بيشڪ نيڪي جي راهہ ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي.

(ترمذي ج 4 ص 305 حديث 2679)

جنّتی ہے وہ جس نے سنّت کے
خود کو سانچے میں ڈھال رکھا ہے

(وسائلِ بخشش ص ۳۵۷)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد


يارب مصطفيٰ! بطفيل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي نيڪيون ڪرڻ ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو ۽ گناهن کان بچندي ٻين کي بچائڻ وارو بڻاءِ. ياالله اسان کي جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا عطا فرماءِ ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مُعاف فضل و کرم سے ہو ہر خطا یاربّ ہو مغفرت پئے سلطانِ انبیا یاربّ
بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یاربّ پڑوس خُلد میں سرور کا ہو عطا یاربّ
نبی کا صدقہ سدا کیلئے تُو راضی ہو کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخدا یاربّ

(وسائلِ بخشش ص ۹۸)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net